سکڻ سيکارڻ جي

# حلقن جو جدول

# زال جا 3 حقوق

17 اپريل 2025



# سڪڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1)** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ **(2)** دعا ياد ڪرڻ: 5 منٽ **(3)** جائزو: 5 منٽ: ڪل دورانيو: 15 منٽ

اج سڪڻ سيکارڻ جي مدني حلقن ۾ **”زال جا 3 حقوق“** جي موضوع تي مفيد ترين معلومات ڏني ويندي ۽ **”نئون لباس پائڻ جي دعا“** ياد ڪرائي ويندي، دعا ياد ڪرائڻ کان بعد اجتماعي جائزو ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

# درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُلصراط تي نور آهي، جيڪو جُمعي جي ڏينهن مون تي 80 پيرا درود پاڪ پڙهي اُن جا 80 سالن جا گناهہ مُعاف ٿي ويندا. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# زال جا 3 حقوق

## آيتِ ڪريم

وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۠ (پاره:2،البقره:228)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ شريعت موجب عورتن جا به مردن تي اهڙا ئي حق آهن جهڙا مردن جا عورتن تي.

يعني جيئن عورتن تي مڙسن جا حق ادا ڪرڻ واجب آهن، تيئن ئي مڙسن تي بہ عورتن جا حق ادا ڪرڻ لازم آهن.[2]

## فرامينِ مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

---

1 الترغيب في فضائل الاعمال ،باب مختصر من الصلاة على رسول الله صلى الله عليه وسلم، صفحہ:14،حديث:22۔

2 تفسير خزائن العرفان ،پاره:2،سورة البقره،تحت الآيت :128۔

پياري آقا مکي مدني مصطفيٰ صلَّى الله عليهِ والهٖ وسلَّم فرمايو: ماڻهن ۾ سيني کان بدترين اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي اهل خانہ (گهر وارن) تي تنگي ڪري ٿو. عرض ڪيو ويو: يا رسولَ الله صلَّى الله عليهِ والهٖ وسلَّم ! تنگي ڪرڻ وارو ڪيئن تنگي ڪندو آهي؟ فرمايائون: جڏهن اهو گهر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان جي زال ان کان ڊڄندي آهي، ان جو ٻار ڀڄي ويندو آهي، ۽ جيئن ئي اهو گهر کان ٻاهر نڪرندو آهي ان جي زال ۽ ٻيا گهر وارا خوش ٿي ويندا آهن (ڄڻ ته انهن تان ڪا مصيبت ٽري وئي هجي).[1]

## زال جا 3 حق

انسان جي اهم ترين رشتن مان هڪ مڙس ۽ زال جو رشتو بہ آهي، اسلام مڙس ۽ زال جا ڪيترائي حق بيان ڪيا آهن، جن کي ادا ڪرڻ تمام ضروري آهي، چاڪاڻ تہ ڪڏهنڪڏهن مڙس ۽ زال هڪ ٻئي جي حقن جو خيال نہ رکڻ سبب گهر ٽٽي پوندو آهي. اڄ اسان زال جا 3 حق سکڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

**پهريون حق: مِهر ادا ڪرڻ**

وضاحت: مِهر ادا ڪرڻ واجب آهي[2] قرآن ڪريم ۾ آهي.

فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِیْضَةًؕ (پاره:5، النساء :24)

ترجموڪنزالعرفان: انهن جا مقرر ڪيل مهر انهن کي ڏئي ڇڏيو.

مهر جي گهٽ ۾ گهٽ مقدار 10 درهم آهي، يعني 2 تولا ۽ ساڍا 7 ماشا چاندي يا ان جي قيمت آهي.[3] چاندي جي قيمت گهٽ وڌ ٿيندي رهندي

---

[1] معجم اوسط ،جلد:6،صفحه:687،حديث:8798-

[2] فتاوی اہلسنت ،فتوی نمبر:pin:5797-

[3] فتاوی رضویه ،جلد:12،صفحه:162،ملخصاً-

آهي، تنهنڪري ان ڏينهن جي قيمت جو اعتبار آهي، جنهن ڏينهن نڪاح ٿيو. مثال طور، 10 اپريل 2025 تي چاندي جي قيمت 3161 روپيا في تولو آهي، ان حساب سان مهر جي گهٽ ۾ گهٽ مقدار لڳ ڀڳ 8298 روپيا نهي ٿئي.

**پيو حق نفقو (خرچ ڏيڻ)**

**وضاحت:** نفقي ۾ 3 شيون شامل آهن: ۞ کائڻ، پيئڻ ۞ ڪپڙا ۞ ۽ رهڻ جو گهر.[1] سال ۾ زال کي 2 جوڙا ڪپڙا ڏيڻ واجب آهي.[2] ۽ زال جي رهائش لاءِ الڳ ڪمري جو بندوبست بہ مڙس جي ذميواري آهي، جيڪو شرعاً فرض آهي.[3]

**ٽيون حق: اَمرٌ بِالمَعرُوفِ وَ نَهيٌ عَنِ المُنكَر (نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ/روڪڻ)**

**وضاحت:** زال جي حقن مان هي بہ آهي تہ مڙس ڪيس ۞ نيڪي جي دعوت ڏيندو رهي ۞ ۽ برائي کان روڪيندو/منع ڪندو رهي. ڪيس ۞ نماز ۞ روزي ۞ قرآن پاڪ جي تلاوت وغيره جهڙن نيڪ ڪمن جو حڪم ڏئي. ۞ بي پردگي وغيره جهڙن برن ڪمن کان روڪي. جيئن تہ قرآن ڪريم ۾ آهي: يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا (التحريم:06)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي (ان) باهہ کان بچايو.

پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ماڻهو

---

[1] بہار شريعت ،جلد:2،صفحہ:260،ملخصاً۔

[2] بہار شريعت ،جلد:2،صفحہ:266 ۔

[3] بہار شريعت ،جلد:2،صفحہ:260،ملخصاً۔

پنهنجي اهل وعيال جو نگران (ذميوار) آهي، ان کان ان جي اهل وعيال بابت پڇيو ويندو.[1]

**دهرائي:(Revision)** اڄ اسان زال جا 3 حق سکيا: (1) مهر ادا ڪرڻ (2) نفقو (يعني خرچ وغيره) ڏيڻ (3) اَمرٌ بِالمَعرُوفِ وَ نَهيٌ عَنِ المُنكَر (نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ/روڪڻ).

## سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دعا

### سڙي پوڻ تي پڙهڻ جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ کَسَانِیْ مَآ اُوَارِیْ بِهٖ عَوْرَتِیْ وَاَتَجَمَّلُ بِهٖ فِیْ حَیَاتِیْ

**ترجمو:** الله پاڪ جو شڪر آهي، جنهن مون کي اهو لباس عطا ڪيو، جنهن سان مان پنهنجو ستر لڪائيندو آهيان ۽ زندگيءَ ۾ ان سان زينت حاصل ڪندو آهيان.[2]

## اجتماعي جائزو وٺڻ جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### يوميه 56 نيڪ اعمال

(1) سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2) پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3) هر نماز کان اڳ ۾ نماز جي دعوت ڏني؟ (4) رات جو سُورةُ المُلک پڙهي يا ٻُڌي ورتي؟ (5) هر نماز کان پوءِ آيَةُ الْڪُرسِي، تسبيح فاطمه ۽ سُورتُ الاِخلاص پڙهي؟ (6) ڪنزالايمان مان گهٽ ۾ گهٽ تي آيتون يا صراط الجنان مان ٻہ صفحا پڙهي يا ٻُڌي ورتا؟ (7) شَجري شريف جا اوراد پڙهي ورتا؟ (8) 313 ڀيرا درود شريف پڙهي ورتو؟ (9) اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10) **ڪنن** کي گناهن

1 بخاری ،کتاب الجمعه ،باب الجمعة فی القری والمدن،صفحه:274،حدیث:893۔
2 ترمذی ،احادیث شتی ،باب من ابواب الدعوات ،صفحه:314،حدیث:3560۔

ڪان بچايو؟ (11) پاڻ کي بدنگاهي ڪان بچائيندي نظرون جهڪائي رکيون؟ (12) 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13) اَذان ۽ اِقامت جو جواب ڏنو؟ (14) غصي جو علاج ڪيو؟ (15) نيڪ اعمال جي رسالي مان پنهنجو جائزو ورتو؟ (16) پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17) اوهان ۽ جيءُ چئي گفتگو ڪئي؟ (18) مدرسة المدينہ **بالغان** ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19) عشاء جي جماعت ڪان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهتا؟ (20) **مدني** ڪمن لاءِ 2 ڪلاڪ ڏنا؟ (21) صداءِ مدينہ لڳائي؟ (22) ٻين جي گهرن ۾ جهاتيون پائڻ ڪان بچيا؟ (23) گهر درس تيو؟ (24) مسجد درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25) سنت جي مطابق لباس پاتو؟ (26) زُلف رکڻ جي سُنّت تي عمل ڪيو؟ (27) هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28) گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبہ ڪئي؟ (29) سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30) مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31) سنتن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32) ظهر جون چار سنتِ قبليہ فرض ڪان پهريان ادا ڪيون؟ (33) تهجد يا صلوٰة اللَّيل ادا ڪئي؟ (34) اَوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35) عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36) 12 مدني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ مدني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37) ٻين ڪان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38) ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي ڪان بچيؤ؟ (39) ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏنو؟ (40) ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41) وقت تي قرض ڏنو؟ (42) عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جنهن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43) صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44) مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45) فجر جي نماز ڪان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46) **ڪجھ** نہ ڪجھ جائز ڪم ڪان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47) چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48) اسراف ڪان بچيؤ؟ (49) ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50) تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51) زبان جي گناهن ڪان بچيا؟ (52) فضول گفتگو **سان**

بچيا؟ (53) مذاق مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (54) عمامو شريف ٻَڌو؟ (55) پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ و ثواب ڪيو؟ (56) ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قفلِ مدينہ ڪارڪردگي

- ❖ لکي ڪري گفتگو 12 پيرا
- ❖ اشاري سان گفتگو 12 پيرا
- ❖ نگاهون جهڪائي ڪري گفتگو 12 پيرا

## هفتہ وار 9 نيڪ اعمال

(57) اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58) هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59) هفتہ وار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60) يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61) مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62) هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63) هفتہ وار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64) علاقائي دورو ڪيو (65) پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو